# پرهيزگارن جون وصفون

08-April-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

07 اَپريل، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# پرهيزگارن جون وصفون

## هن بيان ۾ اوهان ڇاٽي سگهندؤ

✿...پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون 2 پياريون نصيحتون

✿...پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پسنديده ڪير؟

✿...پرهيز گاري آسان عمل آهي

✿... پرهيزگارن جون 4 وصفون

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري صبح جي وقت الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي پُرنُور چهري تي خوشي جا آثار هئا، صحابي سڳورن عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو اُمَّتِي اوهان تي هڪ دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گُنَاهہ مٽائيندس، 10 درجا بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

*اُن پر دُرود جن کو کسِ بے کساں کہیں* | *اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے*[2]

**وضاحت:** اهي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪو هر بي خبر جي خبر رکندڙ آهن، انهن تي دَرُود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الاَعمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[1]

[1]...مُسْنَد اَحْمد، جلد:6، صفحہ:625، حديث:16795۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

پيارا اسلامي ڀائرو! چڱي نيت ماڻهو کي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثلاً نيت ڪريو: ۞ رِضَاءِ اِلٰهي جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ عِلمِ دين سکندس ۞ پورو بيان ٻُڌندس ۞ ادب سان ويهندس ۞ نصيحت حاصِل ڪندس ۞ اَحمَدِ مُجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ٻڌي درودِ پاڪ پڙهندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون 2 پياريون نصيحتون

صحابيءِ رسول، حضرت ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي، هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه رسولِ اڪرم، نورِ مجسم، شفيعِ معظم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ بارگاھ ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يَارَسُوْلَ الله! اَوْصِنِی يعني اي الله پاڪ جا پيارا رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي نصيحت فرمايو! رسولِ رحمت، شفيعِ اُمَّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان صحابي سڳوري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه کي 3 نصيحتون ڪيون، انهن مان 2 نصيحتون هي آهن: فرمايائون: ❶:عَلَيْكَ بِتَقْوَى اللّٰهِ فَاِنَّهُ جِمَاعُ كُلِّ خَيْرٍ توهان تي تقويٰ (پرهيزگاري) لازِم آهي جو بيشڪ تقويٰ تمام ڀلائين جو مجموعو آهي❷: وَعَلَيْکَ بِذِكْرِ اللّٰهِ فَاِنَّهُ نُوْرٌ لَکَ ۽ توهان تي ذِڪرُ الله لازم آهي ڇوته بيشڪ الله پاڪ جو ذِڪر توهان لاءِ نور ٿيندو.[2]

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یااللہ! مری جھولی بھر دے[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

[2]...مسند ابی یعلی، جلد:1، صفحہ:324، حدیث:1001ملتقطاً۔

[3]...وسائل بخشش، صفحہ:123۔

# ڪاش! اسان به نصيحت وٺون

پيارا اسلامي ڀائرو! غور جو مقام آهي، صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جون ادائون ڪيتريون پياريون آهن، هي پاڪيزه ماڻهو سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضِر ٿي نصيحت وٺندا هئا، پاڻ درخواست ڪندا هئا ته ”يارَسُوۡلَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مون کي نصيحت فرمايو!“ اَڄُ اسان جو حال ڇا آهي؟ اسان ڪنهن عالِمِ دين جي خدمت ۾ حاضِر ٿيون، الله وارن سان ملاقات جو شرف مِلي ته اسان ڇا ڪندا آهيون؟ سيلفي ڪڍندا آهيون،

الله پاڪ اسان کي هدايت نصيب ڪري. حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلۡحِكۡمَةُ ضَالَّةُ الۡمُؤۡمِنِ حڪمت مسلمان جو گم ٿيل خزانو آهي.[1] ڇا اوهان ڪڏهن اهڙو شخص ڏٺو آهي جو ان جي ڪا گهڻي قيمتي شيء وڃائجي وڃي ۽ هو ماڻهن سان سيلفيون ڪڍرائيندو هجي؟ نه ڏٺو هوندو، ايئن ٿيندو به ناهي، جنهن جي ڪا قيمتي شيء گم ٿي وڃي، ان جي چهري جو رنگ مَٽجي ويندو آهي، هو هيڏانهن هوڏانهن ڳولها ڪندو رهندو آهي، ماڻهن کان پنهنجي قيمتي شيء بابت پڇي رهيو هوندو آهي، اِعلان ڪرائيندو آهي: **ڪنهن منهنجي فُلاڻي شيء ڏٺي هجي ته هن ايڊريس تي اطلاع ڪري.**

ٿورو غور ڪريو! حڪمت مسلمان جو گم ٿيل خزانو آهي، اسان کي ته گهرجي ته حڪمت ڀريون ڳالهيون سکڻ جي لاءِ بيقرار رهون، جڏهن جتي ڪو حڪمت ڀريون ڳالهيون ڪرڻ وارو ملي، ان سان سيلفي وٺڻ بدران، ان کان عِلم ۽ حڪمت جون ڳالهيون سکون، هٿ ٻڌي عرض ڪيون: سائين! مون کي نصيحت فرمايو! ڪاش! اسان اهڙا ٿي وڃون.

زندگی ہو مری پروانے کی صُورت یاربّ! | علم کی شمع سے ہو مجھ کو محبت یاربّ!
مرے اللہ! برائی سے بچانا مجھ کو | نیک جو راہ ہو، اُس راہ پہ چلانا مجھ کو

[1]...ابن ماجہ، کتاب الزہد، صفحہ:677، حدیث:4169 ۔

## پرهيزگاري هر ڀلائي جي اَصل آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني **تاجدار**صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نصيحت جي طلبگار صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْه کي 3 نصيحتون ڪيون، جن مان 2 نصيحتون اسان ٻنهي جي سَعَادت حاصِل ڪئي: ❶: تقويٰ اختيار ڪيو، ڇوته تقويٰ تمام ڀلائين جو مجموعو آهي ❷: ذِڪرُ الله کي لازِم پڪڙيو جو هي توهان لاءِ نُور ٿيندو.

هن حديثِ پاڪ مان ذِڪرُ الله جي فضيلت پڻ معلوم ٿي ۽ گڏوگڏ هي به خبر پئي ته تقويٰ تمام ڀلائين جو مجموعو آهي، جنهن کي اها دولت نصيب ٿي وئي ڄڻ ان کي تمام ڀلايون نصيب ٿي ويون. حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **اي عزيز!** توکي خبر هئڻ گهرجي ته تقويٰ هڪ ناياب خزانو آهي، جيڪڏهن توهان هن خزاني کي حاصِل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويؤ ته توهان تمام وڏي ڪاميابي حاصِل ڪري وٺندؤ، ايئن سمجهو ته **دُنيا ۽ آخرت جون تمام ڀلائيون تقويٰ ۾ گڏ ڪيون ويون آهن.**[1]

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یااللہ! مری جھولی بھر دے[2]

## پرهيزگارن جي لاءِ انعام ۽ بشارتون

عالم سڳورا فرمائن ٿا: الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پرهيزگارن جون ڪوڙ فضيلتون بيان ڪيون آهن ۽ انهن کي ڪيئي ساريون بشارتون ڏنيون آهن، مثال طور ✿ پرهيزگارن کي الله پاڪ جي خصوصي مدد ۽ نُصرت نصيب ٿيندي آهي ✿ پرهيزگارن کي دُنيا ۽ آخرت ۾ عزّت ملندي آهي ✿ پرهيزگارن کي عِلم به ڏنو ويندو آهي، حڪمت به عطا ٿيندي آهي ✿ الله پاڪ پرهيزگارن

---

1...منہاج العابدین، صفحہ:115خلاصۃً۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:123۔

جا گُناھ متائيندو آهي ✿ انهن کي وڏو اَجر عطا ڪندو آهي ✿ پرهيزگارن جي مغفرت ۽ بخشش ڪئي ويندي آهي ✿ الله پاڪ پرهيزگارن کي آسانيون عطا ڪندو آهي ✿ انهن جي ڪمن ۾ سهولت ۽ نرمي رکي ويندي آهي ✿ پرهيزگار شخص غم ۽ مشقت کان نجات ماڻيندو آهي ✿ پرهيزگارشخص کي دُنيا ۾ وسيع رزق عطا ڪيو ويندو آهي ✿ پرهيزگار آخرت ۾ نجات وارا هوندا ✿ پرهيزگارن کي عِبَادت جي توفيق ڏني ويندي آهي ✿ الله پاڪ انهن کي گُنَاهن کان محفوظ رکندو آهي ✿ متقي شخص پنهنجي مقصدن ۾ ڪاميابي حاصِل ڪري وٺندو آهي ✿ الله پاڪ پرهيزگارن جي سچّائي جي گواهي ڏيندو آهي ✿ انهن کي الله پاڪ جي محبت نصيب ٿيندي آهي ✿ پرهيزگارن جي عبادت قبول ٿيندي آهي ✿ پرهيزگارن کي غم ۽ خوف کان نجات ملندي آهي ✿ الله پاڪ انهن کي جنّت ۾ بُلند درجات عطا فرمائيندو ✿ ۽ سڀ کان وڏيڪ هي جو پرهيزگار شخص الله پاڪ جي بارگاھ ۾ اعليٰ مقام حاصِل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي.[1]

مجھے متقی تو بنا یاالٰہی! | ہو اخلاق اچھا، ہو کردار ستھرا[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ اهم نصيحت

هڪ ڀيري ڪنهن مُرِيد پنهنجي پِير صاحب جي خِدمت ۾ عرض ڪيو: سائين! مون کي ڪا وصيت ڪريو! پِير صاحب فرمايو: مان تون کي الله پاڪ جي بُڌايل اها وصيت ڪيان ٿو جيڪا الله پاڪ اڳيئن پوئين سيني انسانن کي ڪئي آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَقَدْ وَصَّيْنَا الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ مِنْ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان انهن ماڻهن کي جن کي |

[1] ...نضرۃ النعیم ، جلد:4، صفحہ:1120۔

[2] ...وسائل بخشش، صفحہ:104۔

قَبۡلِكُمۡ وَاِيَّاكُمۡ اَنِ اتَّقُوا اللّٰهَ ؕ
(پاره:5،سورۀ نسآء:131)

توهان کان پهريان ڪتاب ڏنو ويو ۽ توهان کي ب تاڪيد فرمائي ڇڏي ت الله کان ڊڄندا رهو.

اي عاشقانِ رسول! ٿورو غور فرمايو! الله رَبُّ العالمين آهي، الله پاڪ تمام جهانن جو پالڻهار آهي، الله پاڪ ٻانهن جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ مهربان، رحم فرمائڻ وارو آهي، هو الله پاڪ پنهنجي ٻانهن کي تقويٰ جي وصيت فرمائي ٿو، جيڪڏهن ٻانهي جي لاءِ تقويٰ کان عِلاوه ڪا ٻي شيءِ وڌيڪ فائديمند، وڌيڪ ڀلائي واري هجي ها ت الله پاڪ پنهنجي ٻانهن کي ضرور ان جي تاڪيد فرمائي ها پر الله پاڪ تقويٰ اختيار ڪرڻ جي وصيت فرمائي، تمام اَوَّلِين ۽ آخرين کي پرهيزگاري ئي جو حڪم ڏنو، هن مان معلوم ٿيو ت **الله پاڪ وٽ ٻانهن جي خوبين ۾ سڀ کان اعليٰ خوبي پرهيزگاري ئي آهي.**

حرصِ دُنیا نکال دے دِل سے | بَس رہوں طالب رضا یاربّ!
واسطہ میرے پیر و مرشد کا | مجھ کو تُو مُتّقی بنا یاربّ!

## پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو پسنديده ڪير؟

سيني مسلمانن جي پياري اَمڙ سائڻ **حضرت عائش صديق طيب طاهره** رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **دُنيا جي ڪنهن شيءِ مان خوش ن ٿيا ۽ متقي و پرهيز گار شخص کان سِواءِ ٻي ڪنهن ڪين خوش ن ڪيو.**(1)

مری عادتیں ہوں بہتر، بنوں سنّتوں کا پیکر | مجھے متّقی بنانا مدنی مدینے والے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…مسند امام احمد، مسند عائشۃ، جلد:10، صفحہ:112، حدیث:25132۔

## عزّت ساري جي ساري تقويٰ ۾ آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْؕ (پاره:26،سورۂ حجرات:13)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي.

هن آيت مان معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عزت ۽ فضيلت جو مدار نسب نه آهي بلڪ پرهيزگاري آهي، لهٰذا هر مسلمان کي گهرجي ته هو نسب تي فخر ڪرڻ کان بچي ۽ تقويٰ و پرهيز گاري اختيار ڪري ته جيئن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ ان کي عزت ۽ فضيلت نصيب ٿئي.[1]

هڪ عربي شاعِر چئي ٿو:

مَايَصْنَعُ الْعَبْدُ بِعِزِّ الْغِنٰى | وَالْعِزُّ كُلُّ الْعِزِّ لِلْمُتَّقِيْ

ترجمو: انسان مال ۽ دولت جي عزّت جو ڇا ڪندو، عزّت ته سڄي جو سڄي پرهيزگار جي لاءِ آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيترين اعليٰ خُوبيون آهن ✿ جيڪي الله پاڪ پرهيزگاري ۾ رکيون آهن ✿ پرهيزگاري هر ڀلائي جي اَصل آهي ✿ سيني اڳوڻن ۽ بعد وارن کي پرهيزگاري ئي جي وصيت ڪئي وئي ✿ پرهيزگار ئي آهي جنهن سان رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گهڻا خُوش ٿين ٿا ✿ پرهيزگاري ئي عزّت جو اَصل معيار آهي. اسان کي به گهرجي ته اهڙي عظيمُ الشّان دولت حاصِل ڪرڻ يعني پرهيزگاري اپنائڻ جي ڪوشش ڪريون.

---

[1]...صراط الجنان، پاره:26، سورۂ حجرات، تحت الآية:13، جلد:9، صفحہ:447۔

## پرهيزگار بھترين زادِ راهہ آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَتَزَوَّدُوْا فَاِنَّ خَیْرَ الزَّادِ التَّقْوٰی ٘ (پاره:2،سورۂ بقره:197)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ ٿمر ساڻ ڪٺو پوءِ سڀ کان بھتر ٿمر يقيناً پرهيزگاري آهي.

هن آيت سڳوري ۾ حڪم ڏنو ويو تہ جڏهن بہ سَفَر تي نڪرو تہ زادِ راهہ (سفر جو سامان) گڏ ڪٺو ۽ سڀ کان **بهترين زادِ راه پرهيزگاري** آهي. بالخصوص اسان سيني کي اَهم ۽ يقيني سَفَر جيڪو ڪرڻو آهي، يعني آخرت جو سَفَر، هن سَفر جو تہ اَصل **زادِ راهہ تقويٰ ئي آهي.** امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ڪنهن جو عزيز وفات ڪري ويو تہ ان جي تدفين کان بعد قبر تي هڪ عبرتناڪ شعر لکيو:

لَيْسَ زَاد سِوَى التُّقَا | فَخُذِی مِنْهُ اَوْ دُعِی

هن سَفَر جو زادِ راهہ صِرف پرهيزگاري آهي، هاڻي توهان جي مرضي پرهيزگاري اختيار ڪريو يا نہ ڪريو! (1)

## پرهيزگارن جي وصفن جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان سيني کي پرهيزگاري جي دولت نصيب فرمائي. اسان کي پرهيزگاري ڪيئن حاصل ڪرڻي آهي؟ هن جي لاءِ اچو! پرهيزگارن جون ڪجهہ وصفون هن نيت سان ٻڌون ٿا تہ اسان بہ هي اعليٰ وصفون اپنائي پرهيزگار بڻجڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

## (1): تقويٰ وارن جي پهرين وَصف: شبهات کان بچڻ

الله پاڪ جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايائون: لَا يَبْلُغُ الْعَبْدُ اَنْ يَّكُوْنَ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ حَتّٰى يَدَعَ مَا لَابَاْسَ بِهٖ حَذْرًا لِّمَا بِهِ الْبَاْسُ يعني ٻانهو ان وقت تائين متقي نٿو ٿي

[1] ...منهاج العابدين، صفحہ:120۔

سگهي جيستائين ناجائز ۾ پوڻ جي خوف سان جائز ڪم بہ نہ ڇڏي ڏي.[1]

مطلب هي تہ هڪ ڪم آهي، جيڪو بلڪل جائز آهي، ان ڪي ڪرڻ ۾ ڪو گُنَاهہ نہ آهي پر خدشو آهي تہ جيڪڏهن هو هي ڪم ڪندو تہ ڪنهن ناجائز ڪم ۾ ڦاسي سگهي ٿو، هن انديشي جي ڪري ان جائز ڪم کي بہ نہ ڪرڻ، پرهيزگارن جو اَهم ۽ بنيادي وَصف آهي، هن کان بغير ڪو شخص متقي بڻجي ئي نٿو سگهي.

## امام ابنِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي تقويٰ

امامِ اِبنِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي وقت جا تمام وڏا امام ٿي گذريا آهن، اللّٰه پاڪ سندن کي خوابن جي تعبير جي عِلم ۾ ڪمال مهارت عطا فرمائي هئي. امام قُشَيرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: امام اِبنِ سيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ گيهہ جا 40 ڪنَسْتَر (مثال طور ٽين وغيره جا دٻا) هئا، ڪين خادِم ٻڌايو تہ هنن دٻن مان ڪنهن هڪ مان مريل ڪوئو نڪتو آهي پر مون کي هي خبر ناهي تہ اهو ڪهڙي دٻي ۾ هو.

هاڻي ڏسو! هي شُبهو ٿيو، 40 مان 39 دٻا بلڪل پاڪ آهن، مريل ڪوئو صِرف هڪ مان نڪتو آهي پر اها خبر ناهي تہ 40 مان اهو هڪ دٻو ڪهڙو آهي، ان ڪري باقي 39 ۾ بہ شُبهو اچي ويو، بس انهيءَ شُبهي جي ڪري امام اِبْنِ سِيرين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 جي 40 دٻن مان ڪنهن هڪ جو بہ گيهہ استعمال نہ ڪيائون.[2] ڇو استعمال نہ ڪيائون؟ حَذْراً لِمَا بِهِ الْبَأْسُ يعني هن ڊپ کان ڪٿي مان ناجائز ۾ نہ پئجي وڃان، ايئن نہ ٿئي جو اهو هڪ دٻو جنهن جو مان گيهہ استعمال ڪندس، هي اهو ئي هجي جنهن مان ڪوئو نڪتو آهي.

هي آهي پرهيزگارن جي اعليٰ وَصف جو اهي پاڪيزہ ماڻهو اللّٰه پاڪ کان گهڻو ڊڄندا هئا، خوفِ خُدا جي ڪري گُنَاهن جي ويجهو بہ نہ ويندا هئا ايستائين

---

[1]...ابن ماجہ ، كتاب الزہد، صفحہ:684، حديث:4215۔

[2]...رسالہ قشيريہ، تقوىٰ كا بيان، صفحہ:143۔

جو هو اهڙو جائِز ڪم جنهن جي ڪرڻ جي ڪري گُناهہ ۾ پوڻ جو خوف هجي، ان جائِز ڪم ڪان بہ پري رهندا هئا.

## حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جي تقويٰ

حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه پڻ تمام وڏا متقي، پرهيز گار هئا، اللّٰه پاڪ کين ولايت جو تمام بلند رُتبو عطا فرمايو هو، هڪ ڀيري حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه سَفَر تي هئا، رستي ۾ هڪ هنڌ پڙاءُ ڪيائون، مريد بہ گڏ هئا، حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه پنهنجي قميض مبارڪ ڌوتي، مُرِيدن عرض ڪيو: سائين! هي قميض سامهون واري ڀت تي رکو تہ جيئن سڪي وڃي. فرمايائون: نہ! هي جنهن جي ديوار آهي اسان ان ڪان اجازت ناهي ورتي. مُرِيدن عرض ڪيو: پوءِ هن ڪي وڻ جي ٽاري تي لٽڪايون ٿا؟ ارشاد فرمايائون: وڻ جي ٽاري تي پکي ويهن ٿا، اسان پکين ڪان انهن جي ويهڻ وارو جڳهہ نٿا کسي سگهون. مُريدن عرض ڪيو: سائين! پوءِ هن قميض مبارڪ کي اسان گاهہ تي سڪايون ٿا؟ فرمايائون: نہ! گاهہ جانورن جو چارو آهي، اسان انهن جو چارو انهن ڪان نٿا لڪائي سگهون. آخر حضرت بايزيد بسطامي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه پنهنجي قميض مبارڪ کي پنهنجي پٺي تي رکي پنهنجي پُٺي سج ڏانهن ڪري ڇڏي ايستائين جو قميض مبارڪ سُڪي وئي.[1]

سُبۡحٰنَ اللّٰه! هي آهي پرهيزگاري...!! ٿورو غور فرمايو! اللّٰه پاڪ جا اهي نيڪ ٻانها ڪيترو احتياط ڪندا هئا، سنڀلجي قدم رکندا هئا تہ ڪٿي، ايئن نہ ٿئي جو اسان گُناهہ ۾ پئجي وڃون. اللّٰه پاڪ اسان کي بہ تقويٰ ۽ پرهيزگاري نصيب فرمائي. انهن نيڪ ماڻهن جي سيرت پڙهون ٿا تہ پنهنجو پاڻ تي شرمساري محسوس ٿئي ٿي ، اسان وٽ تہ اهڙن احتياطن جو نالو نشان بہ نٿو ملي، اِلَّا مَاشَآءَاللّٰه!

مثال طور ۞ اڄڪلهہ سوشل ميڊيا کي بِلا تَڪلُّف استعمال ڪيو وڃي

---

[1]...رسالہ قشيريہ، تقوىٰ کا بيان، صفحہ:144۔

ٿو، ڇا ٻار، ڇا جوان فيس بُڪ کولي بَس لڳل هوندا آهن، جڏهن ته سوشل ميڊيا جي استعمال ۾ گُنَاهه جو خدشو نه بلڪ ڪوڙ خدشات آهن، تمام گهڻو مشڪل آهي جو ماڻهو سوشل ميڊيا جو گهڻو استعمال ڪري ۽ بدنگاهي ۽ ان جهڙن ٻين سنگين گُنَاهن کان بچي وڃي. هن جو هي مطلب نه آهي ته سوشل ميڊيا جو درست استعمال به منع آهي، فيس بُڪ، واٽس ايپ، يوٽيوب وغيره جا سٺا پهلو به آهن ۽ ڪرڻ وارا هن جو سٺو استعمال به ڪن ٿا، البته پرهيزگاري اها ئي آهي ته جنهن کي واقعي انهن شين جي ضرورت هجي، هو ضرورت موجب استعمال ڪري، نه ته عافيت انهيءَ ۾ آهي جو سوشل ميڊيا کان پري ٿي رهيو وڃي ڇاڪاڻ ته هنن جي ذريعي گُنَاهن ۾ ڦاسڻ جو شديد ترين انديشو آهي ۞ اهڙي طرح هڪ نهايت عام مثال پريشان نظري (يعني هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هلڻ) به آهي، اسان جي دَور ۾ ته هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي هلڻ سخت تشويش ناڪ آهي، رستن تي وڏا وڏا سائِن بورڊ لڳل هوندا آهن، انهن تي بي پرده عورتن جون تصويريون به هونديون آهن بلڪ هاڻي ته *S.M.D* اچي وئي، روڊن تي تشهير جي لاءِ باقاعِده وِيڊيو هلي رهي هوندي آهي، اُنهن ۾ پڻ عورتون هونديون آهن، هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، منهن ڪٽي هلڻو آهي جائِز (يعني هن ۾ گُنَاهه نه آهي) پر ان جي ڪري بدنگاهي جي گُنَاهه ۾ پوڻ جو انديشو گهڻو آهي. ان ڪري تقويٰ هي آهي جو ماڻهو نگاهون جهڪائي هلي ۽ هلڻ جو سُنّت طريقو به اهو ئي آهي. مفتيءِ دعوتِ اسلامي، مفتي محمد فاروق عطاري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو نگاهن جي حفاظت جو وڏو جذبو هو، پاڻ ضرورت جي لاءِ موٽر سائيڪل رکي هئي پر پاڻ ان ڪري موٽر سائيڪل وڪڻي ڇڏي جو روڊ تي موٽر سائيڪل هلائيندي نگاهون هيٺ رکڻ مشڪل هو ۽ بدنگاهي ۾ پوڻ جو وڏو انديشو رهندو هو.

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي تقويٰ! الله پاڪ اسان کي به تقوي جي نعمت نصيب فرمائي.

## پرهيزگاري سولو عمل آهي

هي ڳالهيون ٻڌي شايد لڳي رهيو هجي تہ متقي، پرهيز گار ٻڻجڻ گهڻو مشڪل آهي، هي اسان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، واقعي **متقي ٻڻجڻ آهي تہ مشڪل** پر هڪ لحاظ سان ڏٺو وڃي تہ گهڻو آسان بہ آهي، حضرت سفيان ثوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: پرهيزگاري کان وڌيڪ سولو ڪو ڪم نہ آهي، بَس جيڪو توهان جي دِل ۾ کُٽڪي ان کي ڇڏي ڏيو.[1] يعني جنهن ڪم بابت 100 سيڪڙو خبر نہ آهي تہ هي ڪم بالڪل جائز آهي ۽ ان جي ڪري گُنَاهہ ۾ پوڻ جو انديشو بہ نہ آهي، ان ڪم جي باري ۾ جيستائين شرعي راهنمائي نہ وٺو، ان وقت تائين اهو ڪم نہ ڪيو!

## نيڪ ٻانهن جي هڪ بهترين وَصف

امام شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اللّٰہ پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي اخلاق مان آهي تہ جيستائين انهن کي قرآن ۽ سُنّت ۽ شريعت جي روشني ۾ ڪنهن ڪم جو واضِح حڪم معلوم نہ ٿي ويندو هو، ان وقت تائين هو ان ڪم کي نہ ڪندا هئا.[2]

ڪاش! اسان بہ هي عادَت اپنايون، جيستائين شريعت جي روشني ۾ ڪنهن ڪم جو حڪم معلوم نہ ٿي وڃي، ان وقت تائين اهو ڪم ناهي ڪرڻو. زهي نصيب! اسان دارُ الافتاء اهلسنت جو نمبر پاڻ وٽ محفوظ ڪريون، جڏهن بہ ڪنهن شيء بابت شڪ ٿئي، فوري طور مفتي صاحب کان رهنمائي وٺون. الحمدللّٰہ! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊپارٽمنٽ دارُالافتاء اهلسنت جي نالي سان موبائِل ايپليڪيشن بہ لانچ ڪئي آهي، هن ۾ ڪوڙ ساريون فتوائون موجود آهن ۽ تمام گهڻي ديني عِلم تي مشتمل مواد هن هڪ ايپليڪيشن ۾ موجود

---

[1]...رسالہ قشيريہ، باب الورع، صفحہ:148۔

[2]...تنبيہ المغترين، صفحہ:22۔

آهي. اها ايپليڪيشن پنهنجي موبائِل ۾ انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم۔

## پرهيزگارن جون 4 وصفون

مسلمانن جو چوٿون خليفو امير المؤمنين حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائي ٿو: پرهيزگاري 4 شين جي مجموعي جو نالو آهي: 1:اَلْخَوْفُ مِنَ الْجَلِيلِ (يعني خوفِ خُدا) 2: اَلْعَمَلُ بِالتَّنْزِيْل (يعني قرآنِ ڪريم تي عَمَل ڪرڻ) 3: اَلْقَنَاعَةُبِالْقَلِيْلِ (يعني ٿوري تي راضِي رهڻ) 4: اَلِاسْتِعْدَادُ لِيَوْمِ الرَّحِيْلِ (سَفر آخرت جي تياري ڪندي رهڻ).[1]

يعني هي 4 وصفون جنهن خوش نصيب کي مِلي وڃن، هو متقي بڻجي ويندو آهي.

### (1):خوفِ خُدا

خوفِ خُدا هڪ لغام آهي، جيڪو ماڻهو کي گُناهن کان روڪي رکي ٿو، جيڪڏهن اهو لغام ٽٽي پوي يا ڍَرو ٿي وڃي (يعني دِل ۾ خوفِ خُدا نہ رهي) تہ ماڻهو گُناهن تي دلير ٿي ويندو آهي، لهٰذا خوفِ خُدا پرهيزگارن جي تمام ضروري وَصف آهي.

### حضرت عُمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو خوفِ خُدا

منقول آهي: هڪ ڀيري حضرت يزيد رقّاشي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر ٿيا، حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون کي ڪا نصيحت ڪريو! حضرت يزيد رقّاشي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه چيو: اي امير

[1]...بستان العارفين ، تقوی کا بیان، صفحہ:107۔

المؤمنين! اوهان پهريان خليفه نه آهيو جن کي موت ايندو (يعني اوهان کان پهريان به ڪيئي بادشاهه گذري چڪا آهن). هي ٻُڌي حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه روئڻ لڳا، پوءِ فرمايائون: اجا نصيحت ڪريو! حضرت يزيد رقّاشي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه چيو: اوهان کان وٺي حضرت آدم عَلَيۡهِ السَّلَام تائين اوهان جا جيترا پيءُ ڏاڏا ٿيا، انهن مان ڪو هڪ به هاڻي زنده نه آهي. حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وري رنا ۽ فرمايائون: اجا نصيحت ڪيو! حضرت يزيد رقّاشي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه چيو: جنّت ۽ دوزخ جي وچ ۾ ڪا منزل نه آهي (يعني اسان جو ٺڪاڻو يا ته جهنّم آهي يا جنّت آهي، هن کان علاوه ٻي ڪا جڳهه نه آهي). هي ڳالهه ٻُڌي حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي خوفِ خُدا گهڻو غالِب آيو ۽ پاڻ بيهوش ٿي زمين تي ڪِري پيا.[1]

اي عاشقانِ رسول! ڏسو! ڪيڏو خوفِ خُدا آهي. حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خليفه هئا، پاڻ وٽ حڪومت هئي، تخت ۽ تاج هو، اختيار هو، هي اهي شيون آهن جيڪي عام طور ماڻهن کي سرڪش بڻائن ٿيون، حڪومت، عهدو، اختيار مِلي وڃن ته ماڻهو گُناهن تي دلير ٿي ويندا آهن پر حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خليفه بڻجڻ کان پهريان به متقي هئا، خليفه بڻجڻ کان بعد به متقي ئي رهيا، پاڻ پنهنجي دورِ حڪومت ۾ ظلم نه ڪيائون، ماڻهن جا حق نه ڦٻايا، بلڪ عدل ۽ انصاف قائِم ڪيائون، ڇو؟ ان ڪري جو حضرت عمر بن عبد العزيز رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي دِل ۾ تمام گهڻو خوفِ خُدا موجود هو.

## خوفِ خُدا ڪيئن حاصل ٿيندو؟

معلوم ٿيو گُناهن کان بچڻ ۽ تقويٰ حاصِل ڪرڻ جي لاءِ خوفِ خُدا گهڻو ضروري آهي. الله پاڪ اسان کي به خوفِ خُدا جي نعمت نصيب فرمائي. خوفِ خُدا حاصِل ڪرڻ جي لاءِ ۞ تلاوتِ قرآن جو معمول بڻايو وڃي، خاص ڪري اهي آيتون جن ۾ الله پاڪ جي عذاب جو، جهنّم جو، قيامت جو ذِڪر آهي،

---

[1]...تنبيه المغترين، صفحه:49 ملتقطاً

أنهن آيتن جو ترجمو ۽ تفسير پڙهي ذِهن ۾ ويهاري خوب توجه سان هر هر انهن آيتن جي تلاوت ڪئي وڃي ۞ حديثن ۾ خوفِ خُدا جو بيان آهي، اهڙيون حديثون پڙهيون وڃن ۞ خوفِ خُدا تي مشتمل ڪتابن جو مطالعو ڪيو وڃي ۞ خوفِ خُدا رکڻ وارن بزرگ سڳورن جي سيرت پڙهي وڃي ۞جدول بڻائي روزانو يا گهٽ مان گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو قبرستان جي حاضِري ڏني وڃي، اتي فاتحہ شريف بہ پڙهي وڃي، ٻيو هي تہ هن ڳالھ تي غور بہ ڪيو وڃي تہ عنقريب مون کي بہ قبر ۾ اچڻو آهي، ان وقت منهنجي بيوسي جو عالَم ڇا هوندو؟ پوءِ قبر جي مُعَاملات تي غور بہ ڪيو وڃي. اِنْ شَآءَ الله الْڪَرِيم! خوفِ خُدا جي دولت نصيب ٿيندي.

| | |
|---|---|
| مرے اشک بہتے رہیں کاش ہر دَم | ترے خوف سے یاخُدا یاالٰہی! |
| ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ | میں تھر تھر رہوں کانپتا یاالٰہی! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) قرآن تي عَمَل

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْه تقويٰ وارن جون 4 وصفون ٻڌايون آهن، انهن مان ٻي وَصف آهي: اَلْعَمَلُ بِالتَّنْزِيْلِ يعني قرآنِ ڪريم تي عَمَل ڪرڻ.

هي بہ تمام اَهم ۽ انتهائي ضروري وَصف آهي، اڄڪلھ ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن جيڪي پاڻ کي وڏو پرهيز گار، صُوفي باصَفَا ۽ خبر ناهي ڇا ڇا ظاهر ڪن ٿا پر حقيقت ۾ جاهل هوندا آهن، قرآنِ ڪريم سمجهڻ، ان تي عَمَل ڪرڻ تہ رهيو پري، انهن کي دُرست پڙهڻ بہ ناهي ايندو، سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بلڪل جاهل هوندا آهن ۽ پاڻ کي وڏو صُوفي ظاهر ڪري ماڻهن کي گمراه ڪندا آهن. پرهيزگارن جي امام حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان جو ڪتاب (يعني قرآنِ ڪريم) تمام ڪتابن جو سردار آهي، اسان جي شريعت سڀ کان واضِح شريعت آهي ۽ اسان (يعني پرهيزگارن) جو طريقو ڪتاب ۽ سُنّت

سان بِدل آهي، بس جيڪو قرآنِ ڪريم نہ سمجهي، جيڪو حديثِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي ياد نہ ڪري، نہ ان جي معنيٰ سمجهي، **ان جي پيروي درست نہ آهي.** [1]

امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ پيري ائين ٿيو جو هڪ **جعلي بابا** مون وٽ آيو، ان سان گڏ ان جا چيلا بہ هئا، اهو شخص صفا جاهل هو پر **فَنَاء ۽ بَقَا** جي باري ۾ گفتگو ڪري ماڻهن کي گمراهہ ڪندو هو، مون ان کي چيو: ٿورو وُضُو ۽ نماز جا فرض تہ ٻڌايو! هاڻي اهو وائڙو ٿي ويو ۽ چيائين: مون کي ظاهر شريعت جو عِلم نٿو اچي. امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون چيو: اي شخص! جيستائين قرآن ۽ حديث جو عِلم نہ سکيو وڃي، ان وقت تائين دُرست طريقي سان عِبَادت نٿي ڪري سگهجي، جنهن شخص کي واجب ۽ مستحب، مڪروه ۽ حرام جو فرق ئي معلوم نہ هجي، اهو تہ صفا جاهل آهي، ان جي پيروي ڪرڻ ڪيئن درست ٿي سگهي ٿي؟ امام شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجون اهي ڳالهيون ٻڌي هو پريشان ٿي ويو، ان کي ڪو جواب نہ آيو ۽ منهن ننڍڙو ڪري هليو ويو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي، جيڪڏهن اسان کي وُضو ڪرڻ نٿو اچي، نماز پڙهڻ نٿي اچي، پاڪي ناپاڪي جا مسئلا معلوم نہ هجن، الله پاڪ مون کي ڪن ڳالهين جو حڪم ڏنو آهي؟ ڪهڙين ڳالهين کان منع ڪيو آهي؟ جنّت ۾ وني وڃڻ وارا عمل ڪهڙا آهن؟ جهنّم ۾ وني وڃڻ وارا عمل ڪهڙا آهن؟ شيطان ڪهڙي نموني حملا ڪري ٿو؟ ان جي حملن کان ڪيئن بچي سگهجي ٿو؟ جيسيتائين اسان کي اهي سڀ ڳالهيون معلوم نہ هونديون، اسان شيطان جي چالن کان ڪيئن بچي سگهنداسين؟ جڏهن شيطان جي چالن کان نہ بچي سگهنداسين تہ گُنَاهہ ڪيئن ڇڏينداسين؟ جڏهن گُنَاهہ نہ ڇڏينداسين تہ تقويٰ ڪيئن نصيب ٿيندي؟ **تقويٰ تہ هي آهي تہ ٻانهو گُنَاهن کان بچي وڃي.** ان ڪري

---

[1]...تنبيہ المغترين، صفحہ:20۔

[2]...تنبيہ المغترين، صفحہ:21۔

متقي بڻجڻو آهي، پرهيز گار بڻجڻو آهي، ان جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان عِلمِ دين سکون، قرآنِ ڪريم پڙهڻ بہ سکون، سمجهڻ بہ سکون، حديثون سکون، سنتون سکون، فرض عُلُوم سکون، پوءِ ان تي عَمَل بہ ڪريون.

الحمد لله! دعوتِ اسلامي اسان کي اهو سڀ ڪجھ سيکاري ٿي. ۞ نماز سکڻ جي لاءِ **فيضانِ نماز ڪورس** ڪريو! ۞ فرض عُلُوم سکڻا هجن تہ **فرض علوم ڪورس** ڪريو! ۞نيڪ نمازي بڻجڻ جي خواهش آهي، **اِصلاحِ اَعمَال ڪورس** ڪريو ۞قرآنِ ڪريم سکڻ چاهيو ٿا تہ **مدرسة المدينہ بالغان** ۾ شرڪت جو پنهنجو معمول بڻايو ۞ عالِم ٿيڻو آهي، **جامعة المدينہ** ۾ داخلا وٺو ۞**فيضان آن لائن اڪيڊمي** جي ذريعي آن لائِن ڪورسز ڪريو ۞ **مدني قافلن** ۾ سَفَر جو پنهنجو معمول بڻايو. اِنْ شَآءَ اللّٰہ الْڪرِيم! زِندگي نهي ويندي، سنتون سکڻ جو موقعو ملندو، دِل ۾ عشقِ رسول وڌي ويندو ۽ **الله** پاڪ جي فضل و ڪرم سان دين ۽ دُنيا جون بيشُمار ڀلائيون نصيب ٿينديون.

| | |
|---|---|
| زندگی ہو مری پروانے کی صُورت یارَبّ! | علم کی شمع سے ہو مجھ کو محبت یارَبّ! |
| میرے اللہ بُرائی سے بچانا مجھ کو | نیک جو راہ ہو، اس راہ پہ چلانا مجھ کو |

## (3): قناعت

پيارا اسلامي ڀائرو! پرهيزگارن جون وصفون جيڪي مسلمانن جي چوٿين خليفي اَمِيرُ الْمُؤمنين حضرت علي المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنْه ٻڌايون، انهن ۾ ٽئين وَصف آهي: اَلْقَنَاعَةُ بِالْقَلِيْل يعني ٿوري تي قناعت ڪرڻ.

قناعت جي معنيٰ آهي: قسمت تي راضي رهڻ. هي بہ تقويٰ جي لاءِ بنيادي وَصف آهي، جنهن کي قناعت نصيب نہ ٿئي، ان جو گُناهن کان بچڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي، ڪوڙ سارا اهڙا گُناه آهن جيڪي حِرص ۽ لالچ ئي جي ڪري ٿيندا آهن۞ لالچ جي ڪري ئي رشوت جي ڏيتي ليتي ٿئي ٿي ۞ لالچ ئي جي ڪري سُودي ڪاروبار ڪيا وڃن ٿا ۞ لالچ ئي جي سبب حرام ذريعن کان مال حاصِل ڪيو ويندو آهي ۞ لالچ ۾ اچي ئي ماڻهو يتيمن جا حق ڦٻائيندا آهن

۞لالچ ۾ اچي پاءُ پاءُ جو قتل بہ ڪري ڇڏيندو آهي.

ايستائين جو ڪي لالچي طبيعت جا ماڻهو غير مسلم ملڪن ۾ وڃڻ جي لاءِ پنهنجي پاڻ کي **ڪافِر بہ** لکي ڇڏيندا آهن.

لٰهذا جيڪو شخص الله پاڪ جي ڏنل تي راضي ٿي قناعت اختيار نہ ڪري، ان جو گُنَاهن کان بچڻ انتهائي دُشوار آهي ۽ جيڪو گُنَاهن کان نہ بچي سگهندو، هو متقي ڪيئن بڻبو؟

## قناعت بابت پرهيزگارن جا 2 واقعا

۞ **حضرت محمد بن واسِع** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **لوڻ** ۽ سِرڪي سان ماني کائيندا هئا، پاڻ فرمائيندا هئا: جيڪو شخص ايتري دُنيا تي راضِي ٿي وڃي اهو ماڻهن جي اڳيان **ذِلّت** کان بچي ويندو آهي.[(1)] ۞ **حضرت سفيان ثوري** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا**: اڄ جي زماني ۾ جيڪو جَوء جي ماني تي قناعت نہ ڪري، هو **ذِلّت** ۽ رُسوائي ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. هڪ ڀيري هڪ شخص حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ عرض ڪيائين: ڇا مان مال گڏ ڪري سگهان ٿو؟ پاڻ فرمايائون: مال گڏ ڪرڻ ۾ 5 بُرائيون آهن: ❶: هن سان اُمّيد وڏي ٿئي ٿي (جڏهن تہ اسان کي هڪ گهڙي جو بہ ڀروسو ناهي، خبر ناهي ڪڏهن موت اچي وڃي) ❷: مال گڏ ڪرڻ سان حرص وڏي ويندو آهي❸: مال جمع ڪرڻ سبب بخل (يعني ڪنجوسي) ۾ اِضافو ٿي ويندو آهي ❹: مال جمع ڪرڻ جي ڪري ماڻهو آخرت کي وساري ۽ غفلت ۾ پئجي ويندو آهي❺: مال جمع ڪرڻ جي هڪ وڏي آفت هي آهي جو پرهيزگاري ۾ ڪمي اچي ويندي آهي.[(2)]

## قناعت جون مختصر فضيلتون

الله پاڪ اسان کي مال جي حِرص کان محفوظ رکي ۞ قناعت (يعني الله پاڪ جيڪو ڏنو، ان تي راضي ٿيڻ) تمام وڏي نعمت آهي ۞ قناعت سنتِ

---

[1]...تنبيہ المغترين، صفحہ:100۔

[2]...تنبيہ المغترين، صفحہ:100۔

مصطفيٰ آهي ۞ قناعت صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو طريقو آهي ۞قناعت اولياءِ ڪرام جو طريقو آهي ۞ قناعت اختيار ڪرڻ وارو الله پاڪ جو محبوب آهي ۞ قناعت سان الله پاڪ جي رضا ملي ٿي ۞ قناعت جي برڪت سان قبر و حشر ۾ آساني نصيب ٿيندي آهي ۞ ۽ قناعت جنّت ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آهي.

ضرورت سے زیادہ مال و دولت کا نہیں طالِب
رہے بَس آپکی نظرِ عنایت یارسولَ اللہ
رہیں سب شاد گھر والے شہا! تھوڑی سی روزی پر
عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یارسُولَ اللہ

## (4) آخرت جي تياري

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي چوٿين خليفي اَمِيرُ المُؤمنين موليٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنۡه پرهيزگارن جي چوٿين وَصف هي ٻڌائي: اَلۡاِسۡتِعۡدَادُ لِيَوۡمِ الرَّحِيۡل يعني هن دُنيا مان لاڏاڻي ڪرڻ واري ڏينهن جي تياري ڪرڻ.

## ڊڄو! موت جي ڏينهن کان...!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاتَّقُوۡا يَوۡمًا تُرۡجَعُوۡنَ فِيۡهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ (پاره:3،سورۀ بقرة:281) | ترجمو ڪنزُ العِرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ توهان الله جي طرف موٽايا ويندؤ. |
| ياد رکھ ہر آن آخر موت ہے | بَن تُو مت انجان آخر موت ہے |
| مرتے جاتے ہیں ہزاروں آدمی | عاقل و نادان آخر موت ہے |
| بارہا عِلْمی تجھے سمجھا چکے | مان یا مت مان آخر موت ہے |

اسلامي ڀائرو! هي عبرت جي ڳالهه آهي، اسان هن دُنيا ۾ گهڻو ڪجهه ڪيون ٿا ۞ وڏيون وڏيون ڊگريون بہ حاصِل ڪيون ٿا ۞ نوڪري ۞ ڪاروبار ۞ ڪمائڻ ڪائڻ ۞ وڏا وڏا منصوبا بنائڻ ۞ گهر، بنگلو، عاليشان محل ۞اعليٰ کان اعليٰ منصب جي لاءِ ڀڄ ڊڪ وغيره گهڻو ڪجهه ڪيون ٿا پر سوچڻ جي ڳالهه آهي، ڇا اسان ان ڏينهن جي لاءِ تياري ڪريون ٿا جنهن ڏينهن سڀ ڪجهه هتي ئي ڇڏي انڌيري قبر ۾ لهڻو آهي، افسوس! اهو ڪيتري بيوسي وارو ڏينهن هوندو، ڪيتري بي وسي هوندي، جڏهن حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام ايندا، اسان جا عزيز رشتيدار، اولاد، جان کان وڌيڪ پيار ڪرڻ وارا، اسان جا پيارا دوست، اسان جو مال، بينڪ بيلنس وغيره ڪجهه بہ ڪم نہ ايندو، عزيز بينا ڏسندا رهجي ويندا، مَلَڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام رُوح قبض ڪري وٺندو ۽ ڪو ڪجهه نہ ڪري سگهندو. پوءِ اسان کي غسل ڏئي، ڪفن پارائي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو، پوءِ اسان هونداسين ۽ اسان جا عمل هوندا، هن جي علاوه ڪجهه بہ اسان سان گڏ نہ ويندو. غور جو مقام آهي! اسان هن دُنيا ۾ ٿورو ئي وقت گذارڻو آهي، اهو بہ ڪيترو آهي؟ اسان کي خبر ناهي، ٿي سگهي ٿو تہ هاڻي ساهہ بہ ڪڻڻ جو موقعو نہ ملي سگهي. ان جي باوُجُود اسان جيترو هن دُنيا جي لاءِ ڪيون ٿا؟ ڇلو ايترو نہ سهي هن کان اڌ ئي، ڇا اسان قبر جي لاءِ تياري ڪريون ٿا؟ شايد نٿا ڪريون.

## پرهيزگار ۽ موت جي تياري

اسان جا اسلاف (يعني الله پاڪ جا نيڪ ٻانها جيڪي متقي هئا، پرهيز گار هئا) انهن کي بَس قبر ۽ آخرت بابت فِڪر رهندو هو ۽ اهي هر وقت موت جي تياري ۾ ئي مَصْرُوف رهندا هئا. ۞ خواجہ سِرّي سَقطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 98 سال دُنيا ۾ رهيا، سڪرات جي وقت کان علاوه ڪنهن ڪين ڪڏهن ليٽندي نہ ڏٺو، هميشہ عبادت ڪندا هئا ۞محمد جريري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه هڪ سال مڪي پاڪ ۾ رهيا، نہ ستا، نہ پُٺي سڌي ڪيائون، نہ پير ڊگهيڙي ويٺا، فجر نماز پڙهي ذِڪرُ الله شروع ڪندا هئا، ظهر جو وقت ٿي ويندو هو، ظهر کان بعد وري ذِڪرِ اِلٰهي ۾ مَصرُوف ٿيندا

هئا، ايستائين جو عصر ٿيندي هئي، عصر کان مغرب تائين، مغرب کان عشاء تائين، عشاء کان وري فجر تائين ويهي ذِڪرُ الله ئي ڪندا رهندا هئا ۞ حضرت ابو بڪر عياش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو 30 هزار ڀيرا سورت اخلاص پڙهندا هئا، روزانو 500 نفل پڙهندا هئا، ڏينهن ۾ ڪيئي ڪيئي ختمِ قرآن ڪندا هئا ۞امام اعظم، امام ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 40 سال عشاء جي وُضو کان فجر جي نماز ادا ڪئي، هر رات 2 رڪعت ۾ قرآنِ ڪريم ختم ڪندا هئا.[1]

اندازو ڪريو! هي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها ڪيئن هر وقت بس نيڪ ڪمن ئي ۾ مَصْرُوف رهندا هئا، انهن کي آخرت جي ڳڻتي هئي، اهي موت ۽ قبر ۽ آخرت کي ياد ڪرڻ وارا هئا. ڪاش! اسان بہ انهن پرهيزگارن جهڙيون وصفون اپنايون. ڪاش! اسان کي بہ موت جي تياري ڪرڻ جي توفيق مِلي وڃي. الله پاڪ توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

اي عاشقانِ رسول ! دُنيا ۽ آخرت جي بهتري، اولياءِ ڪرام جو فيضان حاصِل ڪرڻ، دِل ۾ عشق رسول وڌائڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب وڌيڪ حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جون برڪتون توهان پاڻ ڏسي وٺندؤ. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار مدني مذاڪرو.

الحمد لله! شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر ڇنڇر تي رات عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي براه راست *(Live)* مدني مذاڪرو ڪن ٿا يعني سڄي دُنيا مان عاشقانِ رسول جي پڇيل سوالن جا عِلم ۽ حڪمت سان ڀرپور جواب ارشاد فرمائن ٿا، اوهان بہ مدني مذاڪري ۾ شرڪت فرمايو ۽ عِلمِ دِين جو خزانو

[1]…جواہرُ البيان، صفحہ:32-33۔

حاصِل ڪريو.

## ٻار ٻہ نمازي بڻجي ويا

تعلقي تَلہ گنگ (ضلعي چڪوال، صوبي پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي: پهريان مان معاشري جو گهٽو بگڙيل انسان هئس. سگريٽ، چرس، شراب جيڪو ملي ان ڏانهن هٿ وڌائيندو هئس، هڪ ڀيري مون تي ڪرم ٿيو ۽ مون رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ شروع ڪيا، روزانو رات ۾ مدني چينل تي مدني مذاڪرو ڏسڻ بہ نصيب ٿيو، امير ِاهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي حڪمت ڀرين ڳالهين منهنجي دل تي اهڙو اثر ڪيو جو زندگي ۾ مدني انقلاب اچي ويو، الحمد للہ! مون گناهن کان سچي توبہ ڪئي ۽ چهري تي ڏاڙهي شريف سجائي، پنج ئي نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ لڳس، مون کي نمازون پڙهندي ڏسي منهنجو 12 سالا پٽ ۽ 10 سالا ڌيءَ بہ نمازون پڙهڻ شروع ڪيون. پٽ تہ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مون سان گڏ مسجد ويندو آهي.[1]

مدنی مذاکرہ ہے شریعت کا خزینہ | اخلاق کا تہذیب کا طریقت کا خزینہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان آهي: مَن اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَد اَحَبَّنِي وَمَن اَحَبَّنِي كَانَ مَعِي فِي الجَنَّة جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[2]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...فيضان مدنی مذاکرہ، صفحہ:72۔

[2]...مشکوٰۃ،کتابُ:الْایمان،بابُ:الْاعْتصَام، جلد:1، صفحہ:55، حدیث:175۔

## محمد نالو رکڻ جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

2 فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: 1: چڱن جي نالن تي نالو رکو[1] 2 قيامت جي ڏينهن توهان کي توهان جي ۽ توهان جي پيءُ جي نالن کان پڪاريو ويندو، ان ڪري پنهنجا نالا سٺا رکو.[2]

✿ حضرت علامہ مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ٻار جو سٺو نالو رکيو وڃي، ڪيئي ماڻهن جا اهڙا نالا آهن جن جي ڪجھ معنيٰ نہ آهي يا ان جي بُري معنيٰ آهي اهڙن نالن کان پاسو ڪريو ✿ اَنبِياءِ ڪرام عَلَيهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلام جي اَسماءِ طيبہ (يعني پاڪ نالن) ۽ صَحابہ و تابعين و بُزرگانِ دين (عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان) جي نالن تي نالو رکڻ بهتر آهي، اُمّيد آهي جو ان جي بَرَڪت ٻار سان گڏ رهي ✿ ٻار زنده پيدا ٿئي يا مُرده اُن جي خِلقت (يعني بدن) تمام (يعني مڪمل) هجي يا ناتمام (يعني نامڪمل) بهرحال ان جو نالو رکيو وڃي ۽ قِيامت جي ڏينهن ان جو حَشْر ٿيندو (يعني اٿاريو ويندو) ✿ فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ڪچي ٻار جو نالو رکو جو الله پاڪ ان جي ذريعي توهان جي ميزان (يعني عمل جي ترازو) کي ڳرو ڪندو ✿ محمد نالو رکڻ جي باري ۾ 2 فرمان مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: 1 جنهن وٽ ڇوڪرو پيدا ٿئي ۽ هو منهنجي محبت ۽ منهنجي نالي سان برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ان جو نالو محمد رکي، هو ۽ ان جو ڇوڪرو ٻئي جنت ۾ ويندا 2 توهان ۾ ڪنهن جو ڪهڙو نقصان آهي جيڪڏهن ان جي گهر ۾ هڪ محمد يا 2 محمد يا 3 محمد هجن ✿ اڄڪلھ مَعَاذَالله نالو بگاڙڻ جي وَبا عام آهي ۽ محمد نالو بگاڙڻ تہ گهڻو ئي سخت تڪليف دِه آهي. لهذا هر مرد جو نالو محمد يا احمد رکو ۽ عُرف يعني پڪارڻ جي لاءِ بزرگن جي نالن مان ڪو آسان تَلَفظ وارو نالو رکجي ✿ جِبريل يا ميڪائيل وغيره نالو نہ رکجي. ✿ محمد نبي، احمد نبي، نبي احمد نالو رکڻ حرام آهي ✿ جڏهن بہ نالو رکو ان جي معنيٰ ڪنهن سُنّي عالِم وٽان پڇي وٺو،

---

[1]...اَلفردُوس، جلد:2، صفحہ:58، حديث:2329۔

[2]...ابو داؤد، ڪتاب الادب، صفحہ:775، حديث:4948۔

بُري معنيٰ وارا نالا نہ رکو ✿ يٰسين يا طٰہٰ نالو رکڻ مَنْع آهي، محمد يٰسين نالو بہ نہ رکو، ها! چاهيو تہ غُلام يٰسين يا غُلام طٰہٰ نالو رکي وٺو.(1)

**مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي "بهارِ شريعت" جلد**:3، **حصو**: 16 ۽ **شيخِ طريقت، امير اهلسنت** دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه **جو** 91 **صفحن جو رسالو** "550 **سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.**

| | |
|---|---|
| ہے طلب دید کی،دید کی عید کی | کیا عجب وہ دِکھیں، قافلے میں چلو |
| لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو | سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو |

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

(1) 550 سنتیں اور آداب ، صفحہ:63تا66